# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1983

# ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1983

# THE REGISTRARS OF TRADE UNIONS (VALIDATION OF APPOINTMENTS AND ORDERS) (SINDH) ORDINANCE, 1983

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. توثيق

Validation

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1983

# ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1983

# THE REGISTRARS OF TRADE UNIONS (VALIDATION OF APPOINTMENTS AND ORDERS) (SINDH) ORDINANCE, 1983

[4 اپريل 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي ٽريڊ يونينس جي رجسٽرارن پاران ڪيل مقررين ۽ جاري ڪيل حڪمن ۽ ڪنيل قدمن جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ٽريڊ يونينس جي رجسٽرارن پاران ڪيل مقررين ۽ جاري ڪيل حڪمن ۽ ڪنيل قدمن جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

commencement | (2) هن فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون Definitions | 2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مفهوم ۾ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i) "ڊائريڪٽر" مطلب ليبر جو ڊائريڪٽر

(ii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(iii) "رجسٽرار" مطلب انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 تحت ٽريڊ يونينس جو رجسٽرار

توثيق Validation | 3. جيستائين ڊائريڪٽر ليبر سنڌ ڪانسواءِ حڪومت طرفان انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 جي دفعه 12 تحت ڪو ماڻهو ڪنهن علائقي لاءِ ٽريڊ يونينس جي رجسٽرار طور مقرر ڪرڻ بابت نوٽيفڪيشن نه ڪيو ويو آهي ته، ڊائريڪٽر ليبر سنڌ کي سڄي صوبي سنڌ جي ٽريڊ يونينس جو رجسٽرار سمجهيو ويندو ۽ سندس طرفان رجسٽرار طور کنيل ڪي به قدم يا جاري ڪيل ڪي به حڪم، ڪارگر سمجهيا ويندا ۽ انهن کي هميشه انهيءَ ريت ڪارائتو سمجهيو ويندو.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**